# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 2000
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2000
# سنڌ ماليات آرڊيننس، 2000
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 2000
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1860 جي ايڪٽ XXI جي ترميم
Amendment of Act XXI of 1860

4. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

5. 1958 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي ترميم
Amendment of Sindh Act V of 1958

6. 1958 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXXII جي ترميم
Amendment ofSindh Act XXXII of 1958

7. 1964 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXIV of 1964

8. 1972 جي سنڌ آرڊيننس نمبر V جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.V of 1972

9. پلاٽن جي تبديلي

Conversion of plots

10. پرائيويٽ سڪيورٽي ايجنسين جي رجسٽريشن

Faculty of Private security Agencies

11. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

شيڊول

THE SCHEDULE

1.شيڊول_I

Schedule_I

2.شيڊول_II

Schedule_II

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2000
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2000
# سنڌ ماليات آرڊيننس، 2000
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 2000

[30 جون 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز کي معقول بڻايو، لاڳو ڪيو يا وڌايو ويندو.

| | |
|---|---|
| جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز کي معقول بڻائڻ، لاڳو ڪرڻ يا وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛<br>۽ جيئن تہ چوڏهين آڪٽوبر، 1999 جي اعلان ۽ 1999 جي عبوري آئين واري حڪم نمبر 1 تحت صوبائي اسيمبلي معطل ٿيل آهي؛<br>۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛<br>هاڻي تنهن ڪري مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ عبوري آئين واري حڪم سان گڏ پڙهو 1999 جو عبوري آئين (ترميم) آرڊر نمبر 9، چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: | تمهيد (Preamble) |
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ماليات آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.<br>(2) هي پهرين جولاءِ 2000 کان لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي | وصفون |

متضاد نہ هجي، تيستائين:

Definitions

(a) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(c) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

1860 جي ايڪٽ XXI جي ترميم
Amendment of Act XXI of 1860

3. سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾:

(a) دفعہ 3 ۾، لفظن "هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "پندرنهن هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

(b) دفعہ 19 ۾، لفظن "ٻہ سئو رپيا" لاءِ لفظ "پنج سئو رپيا" متبادل ٿيندا.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

4. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول -I ۾:

(i) دفعہ A_27 کانپوءِ هيٺين ريٽ شامل ڪيو ويندو:

"B_27. ڪو دستاويز جنهن جي آرٽيڪل 23 يا 31 تحت يا شيڊول I جي آرٽيڪل 33 تحت قيمت جي لحاظ کان محصول وٺڻو هوندو، اهو ملڪيت جو ملهہ مخصوص ڀڀرا‌ڙي جي علائقن ۾ واقع ملڪيتن بابت ڪليڪٽر طرفان جاٽايل ملهہ واري ٽيبل تحت طئي ڪيو ويندو.

بشرطيڪ جتي ملهہ واري ٽيبل ۾ ڏنل اگهہ، جڏهن ڪنهن ملڪيت تي لاڳو ڪيو وڃي، اهو وڌيڪ ظاهر ٿئي تہ ڪمشنر، متاثر شخص طرفان درخواست تي ان جو درست اگهہ طئي ڪري سگهي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ دفعہ 31 ۽ 32 جون گنجائشون ضروري ڦير ڦار سان لاڳو ٿينديون.

(ii) آرٽيڪل A_11 کانپوءِ هيٺيون نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| مجاز اختياري طرفان | في منظوري تي پنج هزار |

| | |
|---|---|
| بااختيار بٽايل پرنٽنگ پريسز جون منظوريون | رپيا |
| وضاحت ـ I | منظوري تي تي محصول منظوري وٺڻ واري کي ادا ڪرڻو پوندو |
| وضاحت ـ II | منظوري محصول نہ ڏيڻ تائين منظوري جي تصديق نہ ڪئي ويندي |

(iii)آرٽيڪل 12ـB جي ڪالم 2 ۾ لفظن "ہ سئو پنجويھ رپيا" لاءِ لفظ "چار سئو رپيا" متبادل ٿيندا.

(iv)آرٽيڪل 22ـA ۾ لفظن ۽ ڪاما "يا آڪڙا، برآمد ٽيڪس وصول ڪرڻ جي حق ڏيڻ لاءِ معاهدو" کي ختم ڪيو ويندو.

(v) آرٽيڪل 23 جي ڪالم 2 ۾ شقن (a) ۽ (b) جي سامهون لفظن "نو رپيا" ۽ "ست رپيا" کي ختم ڪيو ويندو.

(vi)آرٽيڪل 35 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"35 ليز بشمول انڊر ليز يا سب ليز جي ۽ وقتي يا دائمي طور تي مقاطعي تي ڏيڻ بابت ڪو معاهدو:

(i)جتي ليز فليٽن، دڪانن، آفيسن، ٽائون هائوسز ۽ بنگلن سان لاڳاپيل هجي، پلاٽ جي اڻ ورهايل حصي ۾ حق سان گڏ ۽ جتي دفعہ 27ـA تحت ملھ واري ٽيبل موجب ملھ طئي ڪيل هجي:

| | |
|---|---|
| (a) جيڪڏهن پنج لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي | ڪجھ بہ نہ |
| (b) جيڪڏهن پنج لک | ساڳي ڊيوٽي جيڪا ملھ |

| | |
|---|---|
| ريپين ڪان وڌيڪ هجي پر ڏهه لک ريپين ڪان وڌيڪ نه هجي. | واري ٽيبل جي بنياد تي ڪنوينس (نمبر.23) تي اوڳاڙي لائق هجي طئي ڪيل اگهه جي ويهين حصي برابر هجي. |
| (c) جيڪڏهن ڏهه لک ريپين ڪان وڌيڪ هجي. | ساڳي ڊيوٽي جيڪا ملهه واري ٽيبل جي بنياد تي ڪنوينس (نمبر.23) تي اوڳاڙي لائق هجي طئي ڪيل اگهه جي ويهين حصي برابر هجي. |
| (d)ٻي ڪنهن صورت ۾ | ليز تحت پاڙي جي مڪمل رقم بشمول ايڊوانس پاڙي، جيڪڏهن ڪو هجي، ان جو هڪ سيڪڙو اگر ليز تحت ادائگي لائق هجي ۽ پريميم جي رقم، جيڪڏهن ڪا هجي، ان جو ٻه سيڪڙو. |

(vii)آرٽيڪل 40 ۾ شق (c) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

| | |
|---|---|
| (d)متحرڪ ملڪيت جو مالڪ طرفان اندازي مطابق طئي ڪيل، جيڪا وياج تي ٻڌل نه هجي. | دستاويز ۾ چاٽايل قرض يا رقم جو 0.2 سيڪڙو |
| (viii)آرٽيڪل 47 ۾: | |

| | |
|---|---|
| (a)شق (ii) جي حصي A جي پيرا (i) ۾، ڪالم 2 ۾، لفظن "ٽيھ پئسا" ۽ "پندرنھن پئسا" لاءِ لفظ "پنجاھ پئسا" ۽ "پنجويھ پئسا" ترتيبوار متبادل ٿيندا. | |
| (b) شق (ii) جي حصي A جي پيرا (i) ۾، ڪالم 2 ۾، لفظن "ٽي رپيا" لاءِ لفظ "ويھ رپيا" متبادل ٿيندا. | |
| (ix) آرٽيڪل 48 ۾:<br>(a)ڪالم 2 ۾، شقن (d) ۽ (ee) جي سامھون لفظن "ٽي سئو رپيا" ۽ "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "پنج سئو رپيا" ۽ "پنج هزار رپيا" ترتيبوار متبادل ٿيندا. | |
| (b)شق (ee) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: | |
| "(eee) جڏهن غور لاءِ نہ ڏنو وڃي ۽ غير متحرڪ ملڪيت وڪرو ڪرڻ لاءِ اٽارني جنرلي جو اختيار ڏنو وڃي سواءِ پرڏيھ ۾ رهندڙ پاڪستانين جي جن کان | |

| | |
|---|---|
| (ee) ۾ ڄاڻايل ملهه موجب وصولي ڪئي ويندي.”. | |

1958 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي ترميم
Amendment of Sindh Act V of 1958

5. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾:

(a) دفعہ 2 جي شق (e) ۾، سيمي ڪولن کان اڳ لفظ “۽ ڪو شخص جنهن خلاف ٽيڪس لڳائڻ ۽ ادائگي لاءِ هن ايڪٽ تحت ڪا ڪارروائي ڪئي وئي هجي” شامل ڪيا ويندا.

(b) دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (2_A) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(2_B). جيستائين ڪجهه ذيلي دفعہ (2) جي متضاد نہ هجي پر دفعہ 7 موجب نئين اگهن واري فهرست لاڳو ڪرڻ لاءِ هجي، حڪومت هڪ ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪري سگهي ٿي اهڙي ملهه تي جيڪو ڪٿيل ملهه جي ويهہ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هجي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.”.

(c) دفعہ 4 ۾، شق (f) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“(f) عمارت ۽ زمينون يا انهن جو حصو جيڪي مڪمل طور تي مسجدن، گرجا گهرن، عبادتگاهن، مندرن، گردوارن، ڌرم شالائن، پيئڻ جي پاڻي جي آبشارن، عوامي قبرستانن يا شمشان گهاٽ فوتين جي آخري رسمن وارن هنڌن لاءِ استعمال ڪيا وڃن.”.

(d)دفعہ 5 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 5_A وڌائي ويندي:

“5. ساليانو ملهه طئي ڪرڻ لاءِ ويلوئيشن ٽيبلز.

جيستائين ڪجهه دفعہ 5 جي گنجائش جي متضاد نہ هجي ملهه ويلوئيشن ٽيبلز جي بنياد تي طئي ڪيو ويندو اهڙيءَ ريت جيئن مختلف هنڌن لاءِ حڪومتي اٿارٽي طرفان يا

تحت بيان ڪيو ويو هجي.
(e) دفعہ D_7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:
(i)زمينن ۽ عمارتن جو موجوده بنيادي سالياني ڀاڙي جو ملھ ويھ سيڪڙو تائين وڌايو ويندو ۽ تيتائين ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيستائين نئين ويلوئيشن لسٽ لاڳو نہ ڪئي وڃي.
(ii)سموري سالياني ڀاڙي جو ملھ شق (i) کان اضافي ويھ سيڪڙو تائين وڌايو ويندو ۽ تيستائين ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيستائين نئين ويلوئيشن لسٽ لاڳو نہ ڪئي وڃي.
(f)دفعہ D_7 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ وڌائي ويندي:
"جتي E_7. دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (B_2) تحت ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي پر ڪا بہ بهبوديءَ واري ٽيڪس، سرچارج ۽ واڌو سرچارج نہ لڳائي يا وصول ڪئي ويندي".
(g)دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊائريڪٽر جنرل" متبادل ٿيندا.
(h)دفعہ 16 ۾ ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:
"(5). جيستائين ڪجھ ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، ڪا رقم جيڪا ٽيڪس جي نالي تي اوڳاڙي وئي هجي يا ڏنڊ جيڪو هن ايڪٽ تحت مڙهيو ويو هجي، اهو رهندو هجي تہ اهو ليند روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هوندو.
(i)دفعہ 23 ۾ ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي سنڌ ايڪٽ نمبر

6. سنڌ موٽر وهيڪل ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾ شيڊول کي هن آرڊيننس جي شيڊول_I سان تبديل ڪيو ويندو.

XXXII جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXXII of 1958

1964 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXIV of 1964

7. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾:

(i)پنجين شيڊول ۾ جريان نمبر 2 لاءِ ۽ ان جي سامهون داخلائن لاءِ هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| (a)مقامي | توانائي جي في يونٽ تي ٽي پئسا |
| (b)آفيس يا ڪمرشل | توانائي جي في يونٽ تي ٽي پئسا |
| (c)صنعتي استعمال | توانائي جي في يونٽ تي هڪ پئسو |
| (d)ٽيوب ويل، ايريگيشن ۽ ايگريڪلچر مشينري | توانائي جي في يونٽ تي ڏيڍ پئسو. |

(ii)فنانس ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول کي هن آرڊيننس جي شيڊول ـ II سان تبديل ڪيو ويندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس نمبر V جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.V of 1972

8. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 جي دفعہ 33 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "پندرنهن سئو" لاءِ لفظ "پندرنهن هزار" متبادل ٿيندا.

پلاڻن جي تبديلي

9. جيستائين ڪجهه ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي،

| | |
|---|---|
| رهائشي ملڪيت جي منتقلي تي هڪ ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي ۽ زرعي زمين جڏهن ٻين مقصدن لاءِ منتقل ڪئي وڃي، اهڙن اگهن وچ ۾ فرق بورڊ آف روينيو طرفان لينڊ گرانٽ پاليسي، 1999 تحت طئي ڪيو ويندو، جيڪو هيٺ ڏنل ويلوئيشن ٽيبل موجب هوندو: | Conversion of plots |

| | |
|---|---|
| (a)رهائشي ملڪيت جي واپاري مقصدن لاءِ منتقلي | علائقي ۾ ويلوئيشن ٽيبل جي بنياد تي ڪمرشل ملڪيت جي ملهه جو ڏهه سيڪڙو |
| (b)زرعي زمين جي منتقلي<br>(i)رهائشي مقصدن لاءِ | علائقي ۾ ويلوئيشن ٽيبل جي بنياد تي رهائشي ملڪيت جي ملهه جو پنج سيڪڙو |
| (ii)ڪمرشل مقصدن لاءِ | علائقي ۾ ويلوئيشن ٽيبل جي بنياد تي ڪمرشل ملڪيت جي ملهه جو ڏهه سيڪڙو |
| (iii) صنعتي مقصدن لاءِ | علائقي ۾ ويلوئيشن ٽيبل تحت صنعتي ملڪيت جي ملهه جو ڏهه سيڪڙو |

وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ "ويلوئيشن ٽيبل" مطلب اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 تحت بيان ڪيل ويلوئيشن ٽيبل.

| | |
|---|---|
| 10. جيستائين ڪجهه ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي، نجي سڪيورٽي ايجنسي جي رجسٽريشن لاءِ هڪ رجسٽريشن في لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي ۽ اين او سي | پرائيويٽ سڪيورٽي ايجنسين جي رجسٽريشن |

| | |
|---|---|
| Faculty of Private security Agencies | جاري ڪرڻ لاءِ هڪ في هوندي، جيڪا هيٺين اگهن تحت هوندي: |

| | |
|---|---|
| (a)رجسٽريشن وقت في | 100000 رپيا |
| (b) سالياني نئين ڪرڻ جي في | 20000 رپيا |
| (c)سنڌ ۾ هيڊ آفيس کان سواءِ برانچ آفيس | 40000 رپيا |
| (d)گارڊن جي سڪيورٽي ڪليئرنس<br>(i) ڪراچي اندر | 300 رپيا في ڪس |
| (ii)صوبي اندر | 400 رپيا في ڪس |
| (iii) صوبي کان ٻاهر | 1800 رپيا في ڪس |

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

11.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، اهڙا قاعدا ٻين معاملن منجهان، بيان ڪن ٿا ڪا ٽيڪس لڳائڻ، وصول ڪرڻ، ادائگي ۽ بازيابي جو طريقيڪار بيان ڪرڻ يا هن آرڊيننس تحت ڪو ڏنڊ لڳائڻ، جنهن جو طريقيڪار هن آرڊيننس جي گنجائشن ۾ بيان نہ ڪيو ويو هجي.

شيڊول_I
Schedule_I

**شيڊول _I**

**(ڏسو دفعہ 6)**

**شيڊول**

**(ڏسو دفعہ 3)**

| جريان نمبر | موٽر گاڏين جا تفصيل | هر گاڏي تي ٽيڪس |
|---|---|---|

| | | |
|---|---|---|
| 1. | (a)موٽر سائيڪل/اسڪوٽر جيڪو اڳوات رجسٽرڊ نہ هجي<br>(b)موٽر سائيڪل/اسڪوٽر اڳوات رجسٽرڊ هجي ۽ پهرين رجسٽريشن کان وٺي گاڏي:<br>(i) 5 سال پورا نہ ڪيا آهن.<br>(ii)5 سال پورا ڪيا آهن پر 10 سال پورا نہ ڪيا آهن.<br>(iii) 10 سال پورا ڪيا آهن پر 15 سال پورا نہ ڪيا آهن. | 1000 رپيا هڪ ڀيرو رجسٽريشن وقت اضافي 200 رپيا ٽيڪس سان جيڪڏهن گاڏي سان گڏ ٽريلر يا ڪيبن ڳنڍيل هجي.<br>600 رپيا هڪ دفعو سمورن لاءِ يا 80 رپيا ساليانو<br>300 رپيا هڪ دفعو سمورن لاءِ يا 80 رپيا ساليانو<br>100 رپيا هڪ دفعو سمورن لاءِ يا 80 رپيا ساليانو |
| 2. | موٽر گاڏيون جيڪا سامان کانسواءِ 250 ڪلوگرام کان وڏيڪ نہ هجي ۽ ٻئي ڪنهن بہ ڪم لاءِ استعمال ٿئي. | ڪا بہ ٽيڪس نہ |
| 3. | گاڏي (ٽرڪ/ٽريلرس/ ڊليوري وينس) جيڪي ٽرانسپورٽ يا شين يا سامان جي ڍوئڻ لاءِ استعمال ٿين: | |

| | | |
|---|---|---|
| | (a)بجليءَ تي هلندڙ گاڏيون جن جو سامان کانسواءِ وزن 1250 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجي. | 500 رپيا |
| | (b)گاڏي (بشمول سامان پهچائڻ واري گاڏي) جنهن جي وڌ ۾ وڌ وزن کڻڻ جي گنجائش 2030 ڪلوگرام تائين هجي. | 800 رپيا |
| | (c) گاڏي جنهن جي سامان کڻڻ جي گنجائش 2030 ڪلو گرام کان وڌيڪ هجي پر 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجي. | 800 رپيا |
| | (d)گاڏي جنهن جي وزن کڻڻ جي گنجائش 4060 کان وڌيڪ هجي پر 6090 کان وڌيڪ نہ هجي. | 1200 رپيا |
| | (e)گاڏي جنهن جي وزن کڻڻ جي گنجائشن 6090 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجي پر 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجي. | 2000 رپيا |
| | (f)گاڏي جنهن جي وزن کڻڻ جي گنجائش 8120 | 4000 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | ڪلوگرام کان وڌيڪ هجي پر 12000 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| | (g)ڏگهي ٽريلرس سان گاڏيون يا ٻيون گاڏيون جنهن تي سٽيل سامان جو وزن 12000 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجي پر 16000 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجي. | 6000 رپيا |
| | (h)ڏگهي ٽريلرس سان گاڏيون يا ٻي گاڏي جنهن تي سٽيل سامان جي کڻڻ جي صلاحيت 16000 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجي. | 8000 رپيا |
| 4. | گاڏي جيڪا ڀاڙي لاءِ هجي ۽ عام طور تي مسافرن جي ٽرانسپورٽ لاءِ هجي (ٽيڪسيون ۽ بسون) | |
| (i) | ٽن ويلن واري گاڏي جيڪا مڪينيڪل پاور سان هلي (رڪشا ڪيبس) جنهن جي سيٽن جي گنجائش 3 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | 400 رپيا |
| (ii) | موٽر گاڏيون جن جي سيٽن | 100 رپيا في |

| | | |
|---|---|---|
| | جي گنجائش 20 ماڻهن کان وڌيڪ هجي جيڪا ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمنٽ جي حدن اندر پاڙي تي هلي يا عارضي طور حدن اندر ۽ عارضي طور اهڙين حدن کان ٻاهر جيڪي حدون ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي مڪمل ڊيگهه کان سٺ سيڪڙو تائين هجي. | سيٽ |
| (iii) | مني بسون جن جي سيٽن جي گنجائش 6 کان وڌيڪ ۽ 20 ماڻهن کان گهٽ هجي جيڪا مڪمل طور تي ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن اندر پاڙي تي هلندي هجي. | 160 رپيا في سيٽ |
| (iv) | پيون گاڏيون جن جي سيٽن جي گنجائش:<br>a)چار ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي<br>b)چار ماڻهن کان وڌيڪ پر ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي<br>c)ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ | <br><br>520 رپيا<br><br>660 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | (i)ايئر ڪنڊيشنڊ<br><br>(ii)نان ايئر ڪنڊيشنڊ | 150 رپيا هر واڌو سيٽ لاءِ<br>100 رپيا هر واڌو سيٽ لاءِ |
| .5 | موٽر گاڏيون (موٽر ڪارس/جيپس) سواءِ مٿي ڄاڻايلن جي ۽ جن ۾<br>a)جن ۾ سيٽن جي گنجائش ٽي ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي<br>b)سيٽن جي گنجائش ٽي ماڻهن کان وڌيڪ هجي پر ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي<br>(i)انجڻ پاور 1000 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي<br>(ii)انجڻ پاور 1000 سي سي کان وڌيڪ پر 1300 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي<br>(iii)انجڻ پاور 1300 سي سي کان وڌيڪ پر 1500 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي. | 500 رپيا<br><br><br>1000 رپيا<br>1500 رپيا<br>2000 رپيا |
| (c) | سيٽن جي گنجائش ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ هجي | 400 رپيا في سيٽ |
| .6 | (i)ٽريلر ڪانسواءِ ٽريڪٽر<br>(ii)جيڪڏهن ٽريڪٽر سان ٽريلر گڏ هجي | 200 رپيا<br>300 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | (iii)انجڻ پاور 1500 سي سي کان وڌيڪ هجي پر 2500 سي سي کان وڌيڪ نہ هجي | 3000 رپيا |
| | (iv)انجڻ پاور 2500 سي سي کان وڌيڪ هجي. | 5000 رپيا |

شيڊول_II

Schedule_II

## شيڊول _II
## (ڏسو دفعہ 7 (ii))
## "ستون شيڊول"
## (ڏسو دفعہ II)

| جريان نمبر | ڪيٽيگريز | ساليانو ٽيڪس جوملھ |
|---|---|---|
| 1. | سمورا ماڻهو جيڪي ڪنهن ڌنڌي، واپار، ڪالنگ يا ملازمت ۾ رڌل هجن، سواءِ انهن جي جيڪي هن ڪانپوءِ ڄاڻايا وڃن ۽ جن کان گذريل مالي سال دوران انڪم ٽيڪس ورتي وئي هجي. | 150 رپيا |
| 2. | سموريون لميٽيڊ ڪمپنيون، مدرباز، مچوئل فنڊس ۽ ٻي ڪا باڊي ڪارپوريٽ پيڊ اپ ڪيپيٽل يا پيڊ اپ شيئر ڪيپيٽل ۽ ذخيرن سان گڏ گذريل مالي سال دوران | |

| | | |
|---|---|---|
| | جيڪو وڌيڪ هجي:<br>(i)10.0 ملين ڪان وڌيڪ نہ هجي<br>(ii)10 ملين رپين ڪان وڌيڪ هجي پر 25 ملين رپين ڪان وڌيڪ نہ هجي<br>(iii)25 ملين رپين ڪان وڌيڪ هجي پر 50 ملين رپين ڪان وڌيڪ نہ هجي<br>(iv)50 ملين رپين ڪان وڌيڪ هجي پر 100 ملين رپين ڪان وڌيڪ نہ هجي<br>(v)100 ملين رپين ڪان وڌيڪ هجي پر 200 ملين رپين ڪان وڌيڪ نہ هجي<br>(vi)200 ملين رپين ڪان وڌيڪ هجي. | <br>10000 رپيا<br><br>15000 رپيا<br><br><br>20000 رپيا<br><br><br>50000 رپيا<br><br><br>75000 رپيا<br><br><br>100000 رپيا |

وضاحت: پيڊ اپ شيئر ڪيپيٽل، پرڏيهي بئنڪن جي صورت ۾، گهٽ ۾ گهٽ پيڊ اپ ڪيپيٽل هوندو جيئن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان طئي ڪيو وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| 3. | امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائسنس رکندڙ مالڪ:<br>"3.امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائسنس رکندڙ صنعتي، فيڪٽريز ۽ ڪمرشل | 150 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | استيبلشمينٽ جا مالڪ، تعميراتي ڪم يا شيون فراهم ڪرڻ يا خدمتون فراهم ڪرڻ يا ليبر فراهم ڪندڙ ٺيڪيدار، سمورا هول سيلرز ۽ ايجنٽس، اسٽاڪسٽس، شيون وڪرو ڪرڻ يا خريد ڪرڻ ۾ رڌل ايجنسي هولڊرس يا مالڪ طور پين لاءِ خدمتون ڏيندڙ يا ڪميشن بنيادن تي خدمتون ڏيندڙ، ميڊيڪل ۽ ليگل پريڪٽيشنرس، آڊيٽرس، اڪائونٽنٽس، آرڪيٽيڪٽس، ڪار ڊيلرس، ريئل اسٽيٽ ايجنٽس، وڊيو شاپس ۽ ٻيا ماڻهو جيڪي پيشيوراڻا خدمتون ڏيندا هجن ۽ دڪان جن گذريل مالي سان دوران ساليانن ٽرن اوور تي انڪم ٽيڪس ڏني هجي. | |
| (i) | 0.5 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 500 رپيا |
| (ii) | 0.5 ملين رپين کان وڌيڪ پر | 1500 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | 5 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| (iii) | 5 ملين رپين کان وڌيڪ پر 25 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 2500 رپيا |
| (iv) | 25 ملين رپين کان وڌيڪ پر 100 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 5000 رپيا |
| (v) | 100 ملين رپين کان وڌيڪ پر 500 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 10000 رپيا |
| (vi) | 500 ملين رپين کان وڌيڪ پر 1000 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 30000 رپيا |
| (vii) | 1000 ملين رپين کان وڌيڪ | 100000 رپيا |
| .4 | جريان نمبر 4 لاءِ هيٺين ريٽ متبادل ٿيندو: | |
| | سموريون فيڪٽريز دڪان يا اسٽيبلشمينٽ بشمول وڊيو شاپس، ريئل اسٽيٽ شاپس/ايجنسيز لينڊ ڪار ڊيلرس جن کان گذريل مالي سال دوران انڪم ٽيڪس نہ ورتي وئي هجي. | 500 رپيا |
| .5 | پيٽرول پمپس جن کان گذريل | |

| | | |
|---|---|---|
| | مالي سال دوران ڪميشن ورتي وئي هجي. | |
| (i) | 0.2 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي. | 1500 رپيا |
| (ii) | 0.2 ملين رپين کان وڌيڪ پر 0.4 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي | 2500 رپيا |
| (iii) | 0.4 ملين رپين کان وڌيڪ پر 0.6 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي. | 3500 رپيا |
| (iv) | 0.6 ملين رپين کان وڌيڪ. | 4000 رپيا |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**